# ڪريڊٽ ڪارڊ لاءِ خاص ڄاڻ

**1**. ڪريڊٽ ڪارڊ بلن جي رقم ڀرڻ : ڪريڊٽ ڪارڊ بلن جي رقم چُڪتو ڪرڻ يا ڀرڻ لاءِ چيڪ، ڊرافٽ يا روڪ رقم ايس.سي.بي. جي اي.ٽي.ايم. يا بئنڪ جي برانچن ۾ ئي.سي.ايس. (اِليڪٽرانڪ ڪليئرنگ سروس) معرفت هدايت ڪري سگهجي ٿي. مهرباني ڪري چيڪ / ڊرافٽ ايس.سي.بي. اَڪائونٽ نمبر ڪک (توهان جو **16** ڊجٽ ايس.سي.بي. ڪارڊ نمبر **xxxx xxxx xxxx xxxx**) مهرباني ڪري پنهنجي ڪڊيل چيڪ ڊرافٽ کي چڱيءَ طرح ڄاچي پوءِ موڪليو. جيڪڏهن ڪٿي ڪا غلطي سڌاريو ته پاسي ۾ صحي ضرور ڪريو. اُنکي مهرباني ڪري بئنڪ جي الڳ الڳ هنڌن تي رکيل باڪسن ۾ چيڪ / ڊرافٽ وجهو. سو به گهٽ ۾ گهٽ ٣ ڏينهن آخرين تاريخ کان پهرين وجهو. جيئن آخرين تاريخ کان اڳ چيڪ / ڊرافٽ مٽجي وڃي، ۽ اوهان جي ڪارڊ اَڪائونٽ ۾ وقت سِر رقم جمع ٿي وڃي. جيڪڏهن بئنڪ کي آخرين تاريخ کان اڳ رقم نٿي پهچي ته بئنڪ کي اختياري آهي ته هوءَ دير سان رقم ڀرڻ لاءِ في هٽي.

جنهن اَڪائونٽ جو مُدو گذري ويل هوندو، اُن ۾ آيل چيڪ جي رقم، چيڪ رليز ٿيڻ کانپوءِ جمع ڪئي ويندي. ويهن هزارن کان جي وڏيڪ رقم هوندي ته چيڪ ڪليئر ٿيڻ کانپوءِ رقم ڏني ويندي. روڪ رقم صرف بئنڪ جي برانچن ۾ وجهي سگهجي ٿي، بئنڪ جي وقت تي. مهرباني ڪري روڪ رقم ڪليڪشن باڪس ۾ نه وجهو.

**2**. وياج لڳڻ : (مهرباني ڪري نوٽ ڪريو ته اڳئين مهني تي ڪيل خرچ مٿان، هر مهني واري اِستيٽمينٽ ۾ وياج لڳايو ويندو).

| چونڊ | وياج ڪيئن لڳايو ويندو | |
|---|---|---|
| ١. مقرر ٿيل آخرين تاريخ کان اڳ، هر مهني جي اِستيٽمينٽ جي پوري رقم جيڪڏهن ڀري ٿي وڃي. | ڪوبه وياج نه هنيو ويندو. * | |
| ٢. جيڪڏهن ٿوري رقم، جملي رقم سان هر مهني آخرين تاريخ کان اڳ ڀري وڃي ٿي. | اِستيٽمينٽ ۾ ڏيکاريل خرچ تي وياج هنيو ويندو، جنهن کان خرچ ڪيل هوندو ۽ اِستيٽمينٽ جي تاريخ تائين.<br>اڳئين اِستيٽمينٽ ۾ ڏيکاريل بئلنس تي وياج لڳندو. اِستيٽمينٽ جي تاريخ کان هڪ ڏينهن اڳ ۽ رقم چُڪتو ڪرڻ جي تاريخ کان هڪ ڏينهن اڳ تائين، موجوده اِستيٽمينٽ ۾ ان تي وياج ڏيکاريو ويندو. رقم چُڪتو ڪرڻ کان پوءِ جيڪو به بئلنس ڏڪاريل هوندو، اُن تي وياج لڳندو اِستيٽمينٽ جي تاريخ تائين. | مثال طور : اڳئين اِستيٽمينٽ جي تاريخ ١ آگسٽ ۽ بئلنس ١٠،٠٠٠ رپيا رقم جي چُڪتو ڪرڻ جي آخرين تاريخ ١٨ آگسٽ ۽ آگسٽ تي ٣٠٠٠ رپيا خرچ ڪيل آهي ۽ ٨٠٠٠ رپيا رقم ١٨ آگسٽ تي ڀريا ويا آهن. موجوده اِستيٽمينٽ جي تاريخ ١ سيپٽمبر. هن حالت ۾ ٢ آگسٽ کان ١٧ آگسٽ تائين ١٠٠٠٠ رپين تي وياج لڳايو ويندو ۽ بئلنس يعني ٢٠٠٠ رپين تي ١٨ آگسٽ کان ١ سيپٽمبر تائين وياج لڳندو. باقي ٢٠٠٠ رپين تي به وياج ١٥ آگسٽ کان ١ سيپٽمبر تائين هنيو ويندو. |
| ٣. جيڪڏهن اوهان گهٽو ڪري ٿوري رقم ڀريندا آهيو پر هن دفعي پوري رقم ڀري اَٿو، آخرين تاريخ کان پهرين. | اڳئين اِستيٽمينٽ ۾ ڏيکاريل بئلنس تي، رقم چُڪتو ڪرڻ واري تاريخ تائين وياج لڳندو. | مثال : اڳئين اِستيٽمينٽ جي تاريخ ١ آگسٽ، سميٽيل بئلنس ١٠٠٠٠. موجوده اِستيٽمينٽ تاريخ ١ سيپٽمبر. آخرين تاريخ ١٨ آگسٽ، رقم ١٠،٠٠٠ ١٥ آگسٽ تي ڀريل. رقم ١٠٠٠٠ تي وياج ٢ آگسٽ کان ١۴ آگسٽ تائين لڳندو. يعنيِ ١٣ ڏينهن لاءِ جو ته آگسٽ ۾ ٣١ ڏينهن آهن.) |

* هن ۾ روڪ جو واهپو ڪونهي

وياج هن طرح لڳايو ويندو.

**10,000 X 3.1% X 13/31 = Rs. 130.00**

**3**. ساليانو پرسنٽيج ريٽ (سيڪڙو اگهه) : مهني جي وياج کي ساليانو (اَنيولائيزڊ) ڪرڻ سان اي.پي.آر. ۾ آڻي ٿو سگهجي. ماهوار وياج **3.1%** کي لاڳو ڪندي اي.پي.آر. ٿيندو **37.20%**. هي وياج هيٺ مٿي ٿيندي **2.49%** مهني ۾

(اي.پي.آر. **29.88%**) ۽ **3.40%** هر مهني (اي.پي.آر. **40.80%**) ٻنهي وهنوارن لاءِ يعنيٖ چٽو (ريٽيل) ۽ روڪ وهنوار. جڏهن بہ وياج، جيڪو اوهان کي لڳايو وڃي ٿو، اُن ۾ ڪابہ بدل ٿيندي تہ اُها اوهان جي هر مهني واري اِسٽيٽمينٽ ۾ ڏيکاري ويندي. اي.پي.آر. کي هر ٽِن مهنن ۾ چُڪايو ويندو آهي. اوهان جي ڪارڊ کي ڪم آڻڻ تي ۽ اوهان جي رقم چڪتو ڪرڻ تي منحصر ڪندي بئنڪ فيصلو وٺندي آهي. جيڪڏهن رقم پوري نہ ٿي ڀري وڃي ۽ جيڪڏهن (ايم.اي.ڊي.) يعنيٖ گهٽ ۾ گهٽ ٿوري رقم آخرين تاريخ کان اڳہ ڀري وڃي ٿي، تڏهن بہ وياج پوري رقم تي لڳايو ويندو (ٽي.اي.ڊي.) ٽي.ايم.آءِ. ڪارڊ لاءِ، هر مهني جو وياج **2%** کي ساليانو ڪري اي.پي.آر. **24%**. هي وهنوار صرف **-/2000** کان جي مٿي هوندو.

**4.** گهٽ ۾ گهٽ رقم (ايم.اي.ڊي.) گهٽ ۾ گهٽ رقم هر مهني ڀرڻ لاءِ، **5%** جملي بل جي رقم جي هوندي، جيڪڏهن رقم نٿي ڀري وڃي، تہ پوءِ ساري رقم ڀرڻ ٿي لازمي ٿيندي. ٽي.ايم.آءِ. ڪارڊ جي حالت ۾ يا جي ڪارڊ تي قرض ورتل آهي تہ پوءِ ورتل قرض جي بہ ٽي.ايم.آءِ. اُن ۾ جوڙي ويندي. ساٿ ساٿ جيڪڏهن مقرر حد کان وڌيڪ رقم ڪم آندي ويئي آهي ڪارڊ تي، تہ مٿي ڏنل رقم ڀرڻي آهي ۽ گڏوگڏ اُها رقم جا مقرر حد کان وڌيڪ ڪم آندي وئي آهي. جيڪڏهن اوهان **-/5000** خرچيا آهن ۽ ايم.ٽي.ڊي. اوتري ٿي رقم ڀري آهي (گهٽ ۾ گهٽ **-/100**) هر مهني، ۽ اُها ايم.اي.ڊي. اوهان کي ڇهہ سال ڀرڻي آهي. اُن لاءِ اَسين اوهان کي صلاح ٿا ڏيون تہ جڏهن بہ اوهان وٽ روڪ موجود هجي ۽ اوهان کي رقم ڀرڻ ۾ ڪا تڪليف نہ ٿيندي هجي تہ ڪُل رقم ڀري ڇڏيو.

* ڪريڊٽ ڪارڊ ٿوري وقت لاءِ سهوليت وٺڻ لاءِ ڪڍيا ويا آهن. جيئن ضرورت وقت ڪم آڻي، ڪم هلائي سگهجي. جيڪڏهن اوهان کي گهٽ وقت لاءِ رقم ڪم آڻڻ جو خيال آهي، تہ اَسان وٽ اُن لاءِ الڳہ رٿائون موجود آهن. وڌيڪ ڄاڻ لاءِ اَسان جي هيلپ لائين تي فون ڪريو.

**5.** وڏ ۾ وڏ بنا وياج جو مُدو : ايس.سي.بي. ڪارڊ تي ١٨ ڏينهن جي اوڌر آهي (١٧ ڏينهن جي ١٨ ڏينهن آرتوار آهي). گولڊ ۽ نان گولڊ ڪارڊن جي اِسٽيٽمينٽ جي تاريخ کان يعنيٖ بنا وياج اوڌر جي سهوليت ١٧ کان ٤٧ ڏينهن آهي. باقي روڪ لاءِ، رقم وٺڻ جي تاريخ کان ٿي وياج لڳي وڃي ٿو. بئنڪ پاڻ وٽ اِهو حق رکيو آهي تہ ڪنهن بہ وقت بئنڪ وياج جي مُدي کي ڦيرائي سگهي ٿي. جنهن لاءِ اوهان کي اڳہ ٻڌايو ويندو.

**6.** بلن جي اڏيٽٽ جو قاعدو : بلن ۾ ڪابہ ڀُل هجي تہ ملڻ کان ٢١ ڏينهن جي اَندر بئنڪ کي اُن لاءِ واقف ڪرڻو آهي. ڊسپيوٽ ڊڪليريشن فارم (ڊي.ڊي.ايف.) يا صحي ڪيل خط گراهڪ کي ڏيڻو آهي. اُن سان واسطو رکندڙ ڪاغذ جيڪڏهن اُهي آهن. هر شڪايت لاءِ الڳہ الڳہ رستو وٺڻ ضروري ٿي سگهي ٿو. مهرباني ڪري بئنڪ ڪارڊ جي هيلپ لائين سينٽرن سان ملو يا بئنڪ جي ويب سائيٽ **www.standardchartared.co.in** وڌيڪ ڄاڻ لاءِ تہ ڪنهن نموني شڪايت درج ڪجي وغيره.

**7.** وڌيڪ ڪارڊ : هڪ کان وڌيڪ ڪارڊ ساڳئي ڪارڊ اَڪائونٽ ۾ هئڻ لاءِ، ڪارڊ هولڊر اُن وڌيڪ ڪارڊ يا اَڪيلو ڪارڊ هولڊر ڪارڊن ڪڍڻ لاءِ بئنڪ جي هنن قاعدن قانونن سان ٻڌل رهندو ۽ ڪارڊ ڪم آڻڻ تي اُنهن مٿان لڳندڙ چارجز (رقم) ڏيڻ لاءِ ٻڌل آهي.

**8.** ڪارڊ گم ٿيڻ يا ڀوري ٿي وڃڻ جي حالت ۾، يڪدم اِطلاع ڏيڻو آهي. جيڪڏهن ڪارڊ ڪٿي گم ٿي وڃي ٿو يا ڀارت ۾ چوري ٿي وڃي ٿو. ڪارڊ هولڊر کي بنا ڪنهن وقت وڃائڻ جي، ڀرسان واري ڪسٽم سروس هيلپ لائين تي اِطلاع ڪرڻو آهي. جيڪڏهن ڪارڊ وديش ۾ مسافري ڪرڻ وقت گم ٿي وڃي ٿو، ڪارڊ هولڊر کي بئنڪ جي هيلپ لائين تي ٻڌائي يا ماسٽر ڪارڊ / ويزا هيلپ لائين، وڌيڪ تفصيلن لاءِ ڪارڊ ميمر جي قاعدن قانونن کي پڙهو.

**9.** ڪارڊ گم ٿيڻ جي حالت ۾ جوابداري : ڪارڊ ميمبر اوستائين ڪارڊ کي ڪم آندل وهنوار واري رقم لاءِ جوابدار، جيستائين ڪارڊ ميمبر بئنڪ جي ڪارڊ سروس سينٽر تي ڀارت ۾ يا ويزا / ماسٽر ڪارڊ گلوبل اِمرجنسي اَسسٽنس هيلپ لائين تي ڪارڊ گُم ٿيڻ بابت نہ ٻڌايو ويو آهي. ڪارڊ ميمبر ڪليو ڀڏرو ڪري ٿو تہ ڪارڊ گُم ٿيو آهي. چوري ٿيو آهي يا خراب ٿيو آهي ۽ وري ڀوءِ لڌو آهي، ڪارڊ ميمبر پورو پورو جوابدار رهندو، ڪارڊ کي ڪم نہ آڻڻ لاءِ يا ڪارڊ کي ختم ڪرڻ لاءِ، بئنڪ کي اُن بابت ٻڌائڻ لاءِ.

**10.** اِسٽيٽمينٽ : هر مهني اِسٽيٽمينٽ ڪڍي وڃي ٿي. ١٠٠ رپين کان وڌيڪ رقم جو خرچ ڪارڊ تي ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن ١٠٠ رپين کان ڪنهن مهني ۾ گهٽ انگہ آيل آهي تہ ٻئي مهني واري وهنوار واري اِسٽيٽمينٽ ۾ اُها داخل آندي ويندي. جيڪڏهن ڪارڊ ميمبر جو واڌو بئلنس آهي ۽ ڀارتيہ رپين ٢٠٠٠ کان وڌيڪ واڌو بئلنس آهي تہ اِسٽيٽمينٽ گراهڪ کي موڪلي ويندي.

**11.** ڪارڊ جي قاعدن ۽ قانونن ۾ بدل سدل : قائدو (بي) ١٨ ڪارڊ جي قاعدن موجب اِجهو هن نموني بدلايو ويو آهي. (بي) ١٨ سڀ ڪاغذ / لکه پڙهه جيڪا بئنڪ ڪارڊ بلنگه اِسٽيٽمينٽ نِمت اوهان کي موڪلي هجي، اُها پوري پوري ثابتي قبول ڪئي ويندي. اِسٽيٽمينٽ جي پنيان هر ڳالهه صاف ڇپيل آهي، جا يا ته ڪارڊ ميمبر کي هٿون هٿ موڪلي ويئي آهي يا ڪوريئر معرفت يا پوسٽ رستي، ڪارڊ ميمبر جي ڏنل پارٽ ۾ ائڊريس تي، جا هن ئي بئنڪ ۾ رجسٽر ڪرائي آهي ۽ اِها اِسٽيٽمينٽ موڪلڻ ڪان ڇوٽڻي آهي، اُها پهتل مڃي ويندي، پوءِ پل اُها پوسٽ ڪيل هجي يا ڪوريئر جي معرفت موڪليل هجي ۽ اُها جوابداري ڪارڊ ميمبر جي آهي ته هوُ ڪارڊ تي ڪم آندل رقم بابت پڇا ڪري، رقم ڀري ڇڏي، آخرين تاريخ ڪان اڳه. اِسٽيٽمينٽ اِي-ميل معرفت به موڪلي ٿي سگهجي. جي ڪارڊ هولڊر اهڙي هدايت ڏني هجي، هتي (اِي-اِسٽيٽمينٽ).

**12.** ڪارڊ کي ختم ڪرڻ : اَڪائونٽ هولڊر، ڪنهن وقت به ڪارڊ اَڪائونٽ ختم ڪري سگهي ٿو، صرف بئنڪ جي ڪارڊ سروس سينٽر کي اطلاع ڏيئي، فون تي يا لکيت ۾ پر ڪارڊ کي پهرين ڦاري ڇڏڻو آهي. ڪارڊ ميمبر کي سڀ پوري رقم، جا ڪارڊ تي خرچيل آهي، چڪائي ڇڏي، بئنڪ جي چارجز سميت، پوءِ بئنڪ جي ڪارڊ سروس سينٽر تي ٻڌائي.

**13.** اوڌر جي حد : بئنڪ جي مرضيءَ تي آهي ته ڪيتري رقم جي اوڌر بئنڪ ڏئي ٿي. جيڪا به اوڌر جي حد مقرر ڪيل آهي ۽ اُن مان گهٽي رقم ڪم آندل آهي، جيڪڏهن ڪارڊ ميمبر اِن ڪارڊ جي حد اَندر، ڪا به رقم قرض ڪري ورتي آهي ته اُها رقم به اُن حد مان ڪٽي ويندي. بئنڪ کي ئي اختياري آهي ته حالتن کي جاچي، اوڌر جي حد مقرر ڪري. جيئن ڪارڊ ميمبر روڪ رقم ڪم آندل، گذريل ٩٠ ڏينهن ۾ زيوَر خريد ڪيل، وقت سِر رقم ڀرڻ وغيره. اِن سڀ کي جاچي بئنڪ مقرر ڪيل حد گهٽائي به سگهي ٿي.

**14.** ائڊوانس ڪئش جي حد : ڪئش ائڊوانس جي حد ڪريڊٽ حد جو ڪو مقرر سيڪڙو ڪونهي، پر اِها هر مهني ڪڍي ۽ مقرر ڪئي ٿي وڃي. اِنهن بابت وڌيڪ تفصيل ۽ ڄاڻ لاءِ ڪارڊ سروس هيلپ لائين نمبرن تي سمپرڪ ڪيو.

**15.** گڏ ڪيل ڄاڻ کي ٻڌائڻ : ڪارڊ ميمبر سان ڪيل فيصلي موجب ۽ اُن جي قاعدي ۽ قانونن موجب، اِسٽئنڊرڊ چارٽرڊ بئنڪ کي حق آهي ته ڪارڊ ميمبر جي اَڪائونٽ جي ڄاڻ گروپ ڪمپنين يا هنن جا مقرر ڪيل وڪٽنڊڙن مان ڄاڻ وٺدي سگهن ٿا، جيڪي پارٽ ۾ آهن يا وديش ۾ آهن. بئنڪ کي اِها به اختياري آهي ته اوهان جي اَڪائونٽ جي ڄاڻ ڪريڊٽ اِنفرميشن بيورو (اِنڊيا) لميٽيڊ (سي.آءِ.بي.آءِ.ايل.) يا اهڙي ڪا ٻي ايجنسي هجي، جنهن کي ٻڌائڻ بئنڪ کي ضروري لڳي، اَندر جون سهوليتون، جيڪي ورتيون ويون آهن يا وٺڻ وارو آهي يا اوڌر وٺڻ بعد وقت سِر رقم ڀري ويئي آهي يا نه، اُن ڪانسواءِ ڪريڊٽ اِنفرميشن ڪمپنيز (ريگيوليشنس) ائڪٽ ٢٠٠٥، بئنڪ کي اختياري آهي ته ڪارڊ ميمبر کي ٻڌائڻ بنان، پڇڻ واري ايجنسي کي، قاعدي موجب، ٻڌائي سگهي ٿي. ٿي سگهي ٿو بئنڪ کي ڪو ڄاڻ ڏيڻ واري ايجنسيءَ کي مقرر ڪرڻو پوي. اِهو صاف ٿي ويو ته ڪارڊ ميمبر قبوليت ٿو ڏئي ته بئنڪ پل ضرورت وقت، طلب تي هن جي اَڪائونٽ جي ڪا به ڄاڻ هنن کي ڏيئي سگهي ٿي.

**16.** وقت سِر رقم نه ڀرڻ جي ۽ حالتن جي ڄاڻ :

**(a)** گهٽ ۾ گهٽ رقم نه ڀرڻ جي حالت ۾ ١٥٠ ڏينهن اَندر، ڪارڊ ميمبر کي قصور ڪندڙ ڇئي سگهجي ٿو. مهرباني ڪري اِهو سمجهي ڇڏيو ته رقم چڪائڻ جي ڄاڻ، ڪريڊٽ اِنفرميشن بيورو (اِنڊيا) لميٽيڊ (سي.آءِ.بي.آءِ.ايل.) سان هر مهني ونڊي ويندي آهي. پوءِ پل هڪ مهنو به رقم ڀرڻ ڪان رهجي ويو هجي. ڪارڊ ميمبر جي رقم نه ڀرڻ جي تاريخ سٽيم جي تيار ٿيندڙ قصوروارن جي ڊيٽابيس ۾ ١٥٠ ڏينهن ۾ جي گهٽ ۾ گهٽ رقم نه ڀرڻ سان، ڄاڻ ونڊي ويندي.

**(b)** قصوروارن جو نالو، رقم ملڻ بعد، هٽايو وڃي ٿو : پوري رقم ڀرڻ سان، اوهان جي عرض موجب، بئنڪ اوهان جو نالو، قصوروارن جي لسٽ مان هڪ مهني اَندر ڪڍي ڇڏيندي. سي.آءِ.بي.آءِ.ايل. سان ونڊيل ڄاڻ گراهڪن جي اوڌر / ڀريل رقم جي ڄاڻ کي بئنڪ روڪي نٿي سگهي.

**(c)** وصول ڪرڻ جو طريقو : رقم نه ڀرڻ جي حالت ۾، لاڳيتو لکڻ، فون تي چوڻ، ايس.ايم.ايس.، ئي-ميل موڪلڻ يا ٻئي ڪنهن به نموني گراهڪ کي ٻڌائڻ يا شخصي طرح ڪيس چوڻ.

**(d)** سرڳواس ٿي وڃڻ جي يا هميشهه لاءِ جڏو ٿي وڃڻ جي حالت ۾ وصولي : سرڳواس ٿي وڃڻ جي سڏ پوڻ جي حالت ۾ ڪارڊ هولڊر جو اَڪائونٽ بند ڪيو ويندو ۽ ڪارڊ تي ڪم آندل رقم کي ختم ڪيو ويندو، نقصان سمجهي. پر جي ڪارڊ هولڊر جا پنيان جي چاهين ته بئنڪ هنن سان نه مليل رقم بابت فيصلو ڪري رقم ڀري سگهي ٿي. جيڪڏهن ڪارڊ ميمبر هميشهه لاءِ جڏو ٿي ٿو وڃي ته ڪارڊ ميمبر جي قاعدا ۽ قانون موجب رقم وصولي ويندي.

**17**. دانهن جو وڏڻ : جيڪڏهن اوهان شڪايت ڪرڻ بعد به راضي نه آهيو ته مهرباني ڪري سي.ڊي.ڪي.، شري نارائڻ، هيڊ سروس، اِسٽئنڊرڊ چارٽرڊ بئنڪ، ڪسٽمر ڪيئر يونٽ، ١٩، راجا جي سلاءِ، چنائي - ٦٠٠٠٠١ تي موڪليو.
فون : **60046 99002 91+** يا ئي-ميل : **head.service @in.standardchartered.com**

**18**. مان قبول ٿو ڪريان ته مان جيڪي به بئنڪ تي ڪاغذ ڪپندا، سي جڏهن بئنڪ طلبيندي، موڪلي ڏيندس. اِها بئنڪ جي يا رزروَ بئنڪ جي طلب رهندي جيئن نو يوئر ڪسٽمر (ڪي.واءِ.سي.) جي جاچ پوري ڪري سگهجي. بئنڪ اِهو به حق رکي ٿي ته ڏنل سهوليت واپس ٿي سگهي ٿي. سڪيورٽي ۽ گئرنٽيءَ کي قائم رکڻ لاءِ. رقم وصول ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن ضرورت پئي ته بئنڪ ڪم آندل رقم جو بئلنس وصول ڪرڻ لاءِ ڪجهه به ڪري سگهي ٿي يا اَڪائونٽ به بند ڪري سگهي ٿي. جيڪڏهن گهربل ڪاغذ بئنڪ کي نٿا ڏنا ويڃن.

**19**. بلڪل کُلو کُلايو ٻڌايو وڃي ٿو ته بئنڪ سهوليت ڏئي ٿي پنهنجي مرضيءَ سان ۽ اختياري به پاڻ وٽ رکي ٿي، اِنڪري بئنڪ ڪنهن به وقت رقم طلبي سگهي ٿي، يا اَڪائونٽ بند ڪري سگهي ٿي. اِن حالت ۾ گراهڪ کي ساري رقم چڪتو ڪرڻي آهي.

**20**. مهرباني ڪري پوري جاچ لاءِ :
http://www.standardchartered.com/in/cb/creditcard/card_main.html
ڪارڊ ميمبر جي قاعدن ۽ قانونن کي پڙهڻ لاءِ ١٠ ريجنل پوليسيءَ ۾ جاچ ڏنل آهي.

٢١. جون مهني **2006** کان مُلهه (چارجز) :

- ڊير سان رقم پرڻ جو مُلهه : ڊير سان رقم چڪائڻ تي، ڊير سان يعنيٖ ليٽ في **-/100** رپيا به لڳي ويندي، ڊير جي مُلهه کان سواءِ، جيڪڏهن گهٽ ۾ گهٽ رقم ٻن مهنن ۾ يا مٿي نه ڀري ويئي.
- سرچارجز يعنيٖ حد کان ٻاهر وقت کڍڻ لاءِ : **-/25** رپيا يا **2.5%** هر وهنوار لاءِ (جيڪو به وڌيڪ آهي)، ريلوي جي وهنوار تي **-/10** رپيا يا **2.5%** هرهڪ وهنوار لاءِ الڳہ لڳندا (جيڪو به وڌيڪ آهي) ۽ پيٽرول وٺڻ تي به.
- مقرر حد کان وڌيڪ رقم ڪم آڻڻ تي **-/500** رپيا هرهڪ وهنوار لاءِ.
- ڊپليڪيٽ اِسٽيٽمينٽ في : **-/25** رپيا هرهڪ اِسٽيٽمينٽ لاءِ (جيڪڏهن **3** مهنا جهوني اِسٽيٽمينٽ آهي)
- ڪارڊ، ٻيو ڪڍائڻ تي في : **-/100** رپيا ڪارڊ جهوني مان نئون وٺڻ تي.
- پن کي بدلائڻ لاءِ : **-/100** رپيا بدلائڻ جا.
- شهر کان ٻاهر جي ٽيليڊرافٽ لاءِ : **-/100** رپيا هر وهنوار لاءِ.
- ٽيليڊرافٽ کي رد ڪرائڻ لاءِ **-/50** رپيا.
- جيڪڏهن ڪو چيڪ واپس اچي ٿو ته اُن لاءِ **-/300** رپيا.
- وديش ڪرنسي ۾ وهنوار : سڄي وديشي ڪرنسيءَ کي ڀارت جي رپين ۾ بدلايو ويندو. اُن اڳهه تي جيڪو ويزا / ماسٽر ۾ ڏنڌو ڪندڙ ٻڌائيندا. بئنڪ چارجز **2.5%** الڳہ لڳندا ۽ **1%** وديشي ڪرنسيءَ ۾ ڌنڌو ڪرڻ لاءِ ڏنو ويندو.
- برانچ وهنوار ملهه : **-/99** رپيا في ڀرڻي آهي جي ايس.سي.بي. جي برانچ ۾ جيڪڏهن روڪ رقم ڀري ويندي.
- سروس ٽئڪس : سروس ٽئڪس **12.36%** هر شيوا ڏيڻ تي لڳندي. سروس ٽئڪس رجسٽريشن نمبر **ST/Mumbai/CDCOS/Dn I/13/2006** ڪريڊٽ ڪارڊ، ڊيبٽ ڪارڊ، چارجز ڪارڊ يا ٻيو ڪوبه پيمينٽ ڪارڊ سروسز، رجسٽرڊ آفيس، اِسٽئنڊرڊ چارٽرڊ بئنڪ، **23-25** ايم.جي.روڊ، فورٽ، ممبئي-**400001**، ڪابه سروس ٽئڪس کي جمع ڪرائڻ لاءِ گراهڪ بئنڪ کي نٽو چئي سگهي. سي.ئي.اين.وي. اي.ٽي. ڪريڊٽ رولس **2004**، ڪو به ٽيل مُلهه، واپس ڪرڻ لاءِ يا ڇڏيو وڃي، لاءِ نٽو چئي سگهجي.

لڳندڙ چارجز **18** جون **2007** کان :

- ڊير سان رقم پرڻ جو مُلهه **-/350** رپيا، اِسٽيٽمينٽ ۾ ڏيکاريل رقم جيڪڏهن **-/10,000** کان گهٽ آهي. **-/500** رپيا اِسٽيمينٽ ۾ بئلنس جيڪڏهن **-/10,000** رپيا ۽ **-/20,000** رپين جي وچ ۾ آهي. **-/2600** جيڪڏهن اِسٽيٽمينٽ ۾ رقم **-/20,000** کان مٿي آهي.

مثال : جيڪڏهن اوهان جي ڪريڊٽ ڪارڊ تي **-/7000** رپيا آهن ۽ **-/15000** رپيا اوهان جي بئلنس ٽرانفسر اَڪائونٽ ۾ آهن ۽ آخرين تاريخ کان اڳہ رقم چُڪتو نه ڪئي ويئي آهي ته اوهان کي **-/350** رپيا ڊير سان پرڻ ڪري مُلهه ڏيڻو پوندو ۽ **-/500** رپيا اوهان جي بئلنس ٽرانسفر اَڪائونٽ تي. هي مثال صرف سمجهائڻ لاءِ ڏنل آهي، سڀ ڪارڊ ۽ سيني قيمتن تي، جيئن اِنسٽاباءِ، بئلنس ٽرانسفر، ڊائل -اي-لون وغيره، سيني سهوليتن تي جي آخرين تاريخ کان رقم نٽي چڪائجي

تہ مُلھ لڳي ويندو.

• ڪئش ائڊوانس في يعني اڳواٽ ڪڍائڻ تي مُلھ : اي. ٽي. ايم. معرفت روڪ ڪڍڻ : **3%** روڪ رقم ڪڍائڻ تي لڳندا. جيڪڏھن گھٽ ۾ گھٽ **300/-** رپيا ھوندا. جيڪڏھن بئنڪ جي برانچن مان، جن کي اھڙي سھوليت ڏنل ھوندي، روڪ رقم ڪڍائجي تہ اُن لاءِ وڌيڪ **500/-** رپيا ملھ ٿيندو.

**15** سيپٽمبر **2007** کان مُلھ (چارجز) :
جيڪڏھن **12** مھنن ۾ ڪارڊ، روڪ ڪڍڻ لاءِ يا ڪارڊ ڪم نہ آندو ويو ھوندو تہ **250/-** رپيا مُلھ پوندو.

نوٽ : مھرباني ڪري اِن تي ڌيان ڏيو تہ اوھان جا چيڪ / ڊرافٽ برابر لکيل ھجن، جي ڪا ڪٽ ست ڪيل ھجي تہ اُن جي پرسان اوھان جي صحي ضروري آھي. اَسين اوھان کي ھمٿايون ٿا تہ اوھان پنھنجا چيڪ، رقم چڪائڻ لاءِ، چيڪ ڪليڪشن باڪس ۾ وجھو. گھٽ ۾ گھٽ آخرين تاريخ کان ٣ ڏينھن اڳ وجھو. پوءِ پل آخرين تاريخ چيڪ تي وجھو. روڪ صرف بئنڪ جي برانچ ۾ بئنڪ جي وقت تي وجھائي سگھجي ٿي ۽ روڪ ڪئش ڪليڪشن باڪس ۾ وجھڻي ناھي.